# 4. ڪنول جو گُل

هري دلگير (1916-2005ع) هند سنڌ ۾ هاڪارو اِنجنيئر ۽ شاعر هو. هن نظم ۾ شاعر ڪنول جي گل جو مثال ڏيئي سنسار ۾ سُٺي زندگي گهارڻ جو سنديش ڏنو آهي.

پيارا پيارا ڦول منوهر! تو ڇا موُج مچائي،
ساڻ ڪٽي سنسار ۾ ائين سندرتا سرهائي.
سيتل هير گُهلي پرڀاتي، توکي چُمڻ لئه آئي،
واسي تنهنکي واس سان پنهنجي، تو مدهوش بڻائي.
نيرو نيرُ، گگن ڀي نيرو، وچ ۾ صاف سفيدي
سونيءَ دنيا ۾ تو رنگبرنگي راس رچائي.
وايوُ هٿ پنهنجي سان تنهنجو آنند جهوُلو جهولي
جهولي جهولي هردي ۾ تو چنچل لهر لڳائي.
جل ۾ ڄائين، جل ۾ آهين، جل ۾ تہ بہ تون ناهين،
جڳ وارن کي جڳ ۾ جالڻ جي تو راهہ ٻتائي.
مُکڙيءَ ۾ معصوميت مُشکي، هردي ۾ ڪوملتا،
ديون ۽ ديوين تي جڳ ڀيتا انمول چڙهائي.
بند - ڪنول ۾ لوڀي ڀونئرو سنجها ويلي ڦاٿو،
ڇڻ مايا جڳ جي جيون لئه ترشنا ڄار وڇائي.
سندرتا، چنچلتا، ڪوملتا ۽ پوترتا واري،
سائينءَ هي سوُغات سرشٽيءَ لئه سک ساڻ بڻائي.



**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| سرهائي = خوشي | ڳُهلي = ڦهلي | مدهوش = نشيلي |
| نيرُ = پاڻي | وايوُ = هوا | جالڻ = گهارڻ |
| انمول = قيمتي | سنجها = شام | ترشنا = چاهنا |
| سؤغات = سوکڙي | سرشتي = سنسار. | |

## اَڀياس

**سوال ۱ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

۱. سنسار ۾ سندرتا سرهائي ڪير ڪٽي آيو؟
۲. ڪنول جي ڳُل هير کي ڪيئن مدهوش بڻايو؟
۳. ديون ۽ ديوين تي انمول پيتا ڪنهن چڙهائي؟
۴. سائين ۽ سنسار لاءِ ڪهڙي سوغات بڻائي آهي؟

**سوال ۲ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري لکو :**

۱. اسان کي جڳ ۾ ڪيئن گهارڻ گهرجي؟
۲. لويي پونڻري جي مثال سان شاعر ڇا ٿي چوڻ چاهي؟
۳. ڪنول جي ڳُل جون چار خاصيتون لکو.

**سوال ۳ - سِٽون پوريون ڪريو :-**

۱. نيرو نيرُ ............... راس رچائي.
۲. جل ۾ جائين ............ راهه بَتائي.
۳. بند ڪنول ۾ ............ چار وچائي.

**سوال ۴ - هم آوازي لفظ ڳولهي لکو :-**

مچائي، آئي.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر - بند تي عملي ڪم :**

نيرو نيرُ ............ اَنمول چڙهائي.

(i) ’نيرو نيرُ‘ ۾ نيرو صفت آهي ۽ نير اِسم آهي. اَهڙي نموني هيٺ ڏنل ٽڪنڊي مان مناسب اِسم ڳولهي صفت اِسم جوڙا پورا ڪريو.

(الف) رنگبرنگي ☐ (ب) چنچل ☐

(ٻ) اَنمول ☐ (پ) سوني ☐

گگن، راس، پيٽا، لهر، دنيا

**(ii) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :**

(الف) چار لفظ هندي ٻوليءَ ۾ اِستعمال ٿيندڙ.

(ب) ساڳئي معنيٰ ڏيکاريندڙ هڪ جوڙو

(ٻ) ڳُل جو اَڻ اُسريل روپ

(پ) جهولو جهوليندڙ

**(iii) سٽ سمجهايو :**

’جڳهہ وارن کي جڳهہ ۾ جاڳڻ جي تو راهہ ٻتائي‘

**(۲) ’گلاب جي گل‘ جي آتم ڪهاڻي لکو.**

---



## خاص ڄاڻ

**(الف) اَڇو تہ گهر ۾ ڪنول جو گل پوکيون.**

(1) پساريءَ جي دڪان تان ڪنول جا ٻج آڻيو

(2) 7-8 ٻج ڪٽي اُنهن کي ٿورو گسايو.

(3) هڪ ويڪري برتن ۾ ٻج رکي اُن کي پورو صاف پاڻيءَ سان ڀريو ۽ 5-6 ڏينهن ڍڪي رکو.

(4) ڪجهہ ٻجن مان سلا نڪرندا توهان کي نظر ايندا. اَهڙا اُسريل ٻج ڪڍو.

(5) ٻہ ننڍيون مٽيءَ سان ڀريل ڪونڊيون ڪڍو هرهڪ ۾ هڪ اُسريل ٻج، مٽي -اَندر ڪوڙيو. مٽيءَ ۾ ننڍڙي پٿريءَ جا ٽڪر وجهو.

(6) هڪ وڏي پلاسٽڪ جي ٽب ۾ اِهي ٻئي ڪونڊيون رکو. آهستي آهستي اهو ٽب سچو پاڻيءَ سان ڀريو. روز پاڻيءَ جي سنوت جاچيو ۽ گهٽ سنوت تي، پاڻي وجهو.

(7) ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ توهان ڏسندا تہ اُنهن ڪونڊين ۾، ٻجن جي سلن مان گول پتا اُسرندا نظر ايندا. آهستي، هيٺ اَڇي رنگہ وارين پاڙن ۾ پاڻ ملايو.


(8) تمام سٺي برسات ۾ ٻوٽي جي واڌ ڪانپوءِ، توهان ڪنول جا ڳُل ڏسي سگهندا. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ (You Tube: Essentials of Life) تي وڃو.

(ب)

## دنيا جا مھانگا گُل (قيمت آمريڪن ڊالرن ۾)

1

لزيئنٿس
(Lisianthus)
35 ڊالر ھڪ جھڳٽي لاءِ

2

لِلي آف د وئلي
(Lily of the Valley)
143 ڊالر- ھڪ جھڳٽي لاءِ

3

ھئڊرنجيئا
(Hydrangea)
2 کان 4 ڊالر ھڪ ٽاريءَ لاءِ

4

گلوريوسا للي
(Gloriosa Lily)
5 ڊالر کان 10 ڊالر ھڪ ٽاريءَ لاءِ.

5

ٽيولپ بلب
(Tulip Bulb)
9 ڊالر ھڪ جھڳٽي لاءِ.

6

سئفران ڪروڪس
(Saffron Crocus)
6 ڊالر 10 گلن لاءِ.

7

گولڊ آف ڪنابالو آرڪڊ
(Gold of Kinabalu Orchid)
تمام مھنگو

8

شينزھن نونگڪي آرڪڊ
(Shenzhen Nongke Orchid)
202000 ڊالر ٽائين ھڪ گل

9

جولئٽ روز
(Juliet Rose)
16 ملين ڊالر

10

ڪڊو پُل گُل
(Kadupul Flower)
تمام ملھائتو خريديءَ کان ٻاھر.

### وڌيڪ ڄاڻ لاءِ

C98ASL

چنديگڙھ ۾ ’ذاڪر حسين روز گارڊن‘ آھي اِھو رشيا ۾ سڀ کان وڏو باغ آھي، جيڪو اَٽڪل 30 ايڪڙ زمين ٽائين ڦھليل آھي. اِن ۾ 50,000 گلاب جا ٻوٽا آھن. جن ۾ 1600 جدا جدا گلاب جي گُل جون جاتيون آھن. اِن ۾ ڪجھ دوائن وارا ٻوٽا بہ پوکيا ويندا آھن. اِھو سنہ 1967ع ۾ ٺاھيو ويو. ھر سال فيبروري يا مارچ مھني ۾ روز فيسٽيول (Rose Festival) ھڪ شاندار سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم ملھايو ويندو آھي.